علم

دين جي اهميت ۽ فضيلت

22-June-2017

هفتيوار سنتن پري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن پر يو بيان

(For Islamic Brothers)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

علم دين جي اهميت ۽ فضيلت

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ اللّٰه وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ اللّٰه

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ اللّٰه وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ اللّٰه

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

(مون سنّتِ اعتكاف جي نيّت ڪئي)

جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتكاف جي نيّت ڪري ونو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتكاف جو ثواب حاصل ٿيندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ ڪائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.

دُرود شريف جي فضيلت

نبي ڪريم،رؤف رحيم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمانِ عاليشان آهي: بيشڪ الله عَزَّ وَجَلَّ جا ڪجهہ ملائڪ زمين ۾ سير ڪندا آهن ۽ درودشريف پڙهڻ واري جو درود شريف مون تائين پهچائيندا آهن.

(نسائی، کتاب السهو، باب السلام علی النبی، ص ۲۱۹،حدیث:۱۲۷۹)

ہم غريبوں کے آقا پہ بے حد دُرود ہم فقيروں کی ثَروت پہ لاکھوں سلام

مختصر وضاحت! يعني اسان غريبن کي ڪير بہ منهن ڏيڻ لاءِ تيار نہ هو

پر محبوبِ خدا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن اسان کي پنهنجي غلامي ۾ قبول فرمائي بادشاهن کان بہ وڌائي ڇڏيو انهن تي بيحد دُرود ۽ لکين سلام هجن.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ" يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.

(المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

ٻ مدني گُل: (1) بغير سني نيّت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.

(2) جيتريون سنيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجهہ سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وڇائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڏِکو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اَٽڪڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوا الله ، تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

30 هزار درهم

دعوتِ اسلامي جي اِشاعتي اِداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل عظيم

الشّان ڪتاب "**عُيونُ الحكايات**" جلد 2 صفحي نمبر 55 تي "**علمِ دِين جي عظمت**"سان مالامال هڪ نهايت ئي پياري حڪايت لکيل آهي،اچو!نهايت توجهه سان ٻڌو ۽ "**علمِ دِين**"حاصل ڪرڻ جو شوق پيدا ڪريو،

حضرتِ سيدُنا عبدالوَهَّاب بن عَطَاء خَفَاف رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: حضرتِ سَيدُنا ابو عبدالرحمن فَرُّوخ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه بنو اُمَيَّه جي دورِ خلافت ۾ جڏهن سرحدن جي حفاظت جي لاءِ خُرَاسَان ويا تہ ان وقت سندن زوجہ محترمہ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْها (گهرواري) اُميد سان هئي. پاڻ پنهنجي گهرواريءَ وٽ ٽيهه (30) هزار دِينار ڇڏي ويا هئا. ستاويهه (27) سالن کان پوءِ جڏهن پاڻ واپس مدينہ منوره موٽي آيا. گهر پهچي نيزي سان دروازو اندر ڏڪيو تہ حضرتِ سَيدُنا ربيعہ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ٻاهر نڪتا. جيئن ئي انهن هڪ مسلّح شخص کي ڏٺو تہ وڏي ڪاوڙ سان چيائين: اي الله جا ٻانها! ڇا تون منهنجي گهر تي حملو ڪرڻ چاهين ٿو؟ حضرتِ سيدُنا فَرُّوخ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمايائون: نہ، مان حملو نٿو ڪرڻ چاهيان. توهان اهو ٻڌايو تہ توهان کي منهنجي گهر ۾ داخل ٿيڻ جي جُرأت ڪيئن ٿي؟ پوءِ ٻنهي ۾ تڪرار ٿيڻ لڳو. قريب هوتہ ٻئي هٿين پئجي وڃن هئا. پر پاڙيسري وچ ۾ اچي ويا ۽ جهيڙو نہ ٿيو.

جڏهن حضرت سيدُنا مالڪ بن اَنس رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ۽ ٻين ماڻهن کي خبر پئي تہ اهي بہ اچي پهتا. حضرت سيدُنا مالڪ بن انس رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي چوڻ تي حضرت ابو عبدالرحمن فَرُّوخ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ان کي چيو: منهنجو نالو فَرُّوخ آهي ۽ هي منهنجو ئي گهر آهي. انهن جي زوجہ محترمہ جيڪا دروازي جي اوٽ ۾ بيهي سڄي گفتگو ٻڌي رهي هئي، ان هن ڳالهہ تي انهن کي سڃاتو ۽ چيائين:

هي منهنجو مڙس آهي ۽ ربيعہ انهن جو پٽ آهي. انهن جي راهہ خدا ۾ وڃڻ وقت ربيعہ منهنجي پيٽ ۾ هو. اهو ٻڌي ٻئي پيءُ پٽ گلي مليا ۽ انهن جي اکين مان خوشي جا لڙڪ نڪري پيا.

حضرتِ سيدُنا ابو عبدالرحمن فَرُّوخ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کاڏو کائڻ ۽ آرام ڪرڻ کان ڪجهہ دير پوءِ پنهنجي گهرواريءَ کان پڇيو: اهي 30 هزار دِينار ڪٿي آهن جيڪي مان ڇڏي ويو هيس؟ عرض ڪيائين: اهي مون هڪ هنڌ دفنائي ڇڏيا هئا، ڪجهہ ڏينهن بعد ڪڍي وٺنديس. ايتري ۾ حضرت سيدُنا ربيعہ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه مسجد ۾ پنهنجي درس جي حلقي ۾ هليا ويا ۽ درسِ حديث ڏيڻ لڳا. حضرتِ سيدُنا فَرُّوخ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه نماز ادا ڪرڻ مسجد ۾ ويا تہ ڏٺائون تہ هڪ حلقو لڳل آهيءِ ماڻهو وڏي ادب ۽ توجهہ سان علمِ دين سکي رهيا آهن ۽ هڪ خوبصورت نوجوان انهن کي درس ڏئي رهيو آهي. انهن ماڻهن کان پڇيو: هي ڪير شخص آهي، جيڪو علم جا موتي لٽائي رهيو آهي؟ ماڻهن ٻڌايو: هي ربيعہ بن ابوعبدالرحمن آهن اهو ٻڌي پاڻ بيحد خوش ٿيا ۽ فرمايائون: اللّٰه ربُّ العزّت جَلَّ جَلَالُه منهنجي پٽ کي ڪهڙو عظيم رتبو عطا فرمايو آهي.

پوءِ پاڻ گهر واپس موٽيا ۽ پنهنجي گهرواريءَ کي چيائون: مون توهان جي لختِ جگر کي اڄ عظيم مرتبي تي فائز ڏٺو آهي، اهو تہ علم جا موتي لُٽائيندڙ سمنڊ آهي. سندن گهرواريءَ چيائين: اوهان کي پنهنجا 30 هزار دِينار گهرجن يا پنهنجي پٽ جي اها عظمت ۽ بلندي. چيائين: خدا عَزَّ وَجَلَّ جو قسم! مون کي تہ پنهنجي پٽ جي هن عظيم نعمت جي بدلي ۾ ڪجهہ بہ نٿو گهرجي. سندن زوجہ محترمہ چيائين: تہ پوءِ ٻُڌ! مون اهو سمورو مال اوهان جي پٽ تي

خرچ ڪري ان کي علمِ دين سيکاريو آهي. اهو ٻڌي پاڻ فرمايائون: خدا عَزَّ وَجَلَّ جو قسم! توهان مال ضائع ناهي ڪيو بلڪ تمام سٺي جڳهه تي خرچ ڪيو آهي. (عيون الحكايات ، جلد2،ص 55)

میں سب دولت رہِ حق میں لُٹا دوں
شہا ایسا مجھے جذبہ عطا ہو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن حڪايت مان معلوم ٿيو ته علمِ دين هڪ عظيم نعمت آهي،ان کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ مال خرچ ڪرڻ يقينن تمام وڏي سعادت جي ڳالهه آهي. اسان جي بزرگن جي اها ئي سوچ هوندي هئي، ان ڪري حضرت ربيعه رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي والده انهن جي تعليم ۽تربيت تي وڏي رقم خرچ ڪري ڇڏي ۽ جڏهن حضرت ربيعه جي والد صاحب کي معلوم ٿيو ته منهنجي رقم مان منهنجي پٽ کي علم دين حاصل ڪري عظيم مرتبو حاصل ٿيو آهي ته خوش ٿي زوجه محترمه کي چيائون: **توهان منهنجو مال ضائع ناهي ڪيو بلڪ تمام سٺي جڳهه خرچ ڪيو آهي.** لڪين سلام ان عظيم پيءُ تي ۽ لڪين سلام ان عظيم ماءُ تي جو ٻنهن جي ڪهڙي نه مدني سوچ هئي جو ايتري وڏي رقم علمِ دِين کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ خرچ ڪري الله عَزَّوَجَلَّ جو شڪر ادا ڪندي خوشي جو اِظهار ڪري رهيا آهن،**اي ڪاش!** انهن علمِ دين جي قدر دانن جو صدقو اسان کي به نصيب ٿي وڃي،اڄ جيڪڏهن اسان پنهنجي گريبان ۾ جهاتي پائي جائزو وٺون ته شايد شرم وچان پاڻي پاڻي ٿي وڃون ڇوته اسان جي سوچ ان جي ابتڙ آهي،ايتري وڏي رقم اسان مان

جيڪڏهن ڪنهن وٽ اچي وڃي تہ ٿي سگهي ٿو اهو ان رقم کي اهڙي هنڌ خرچ ڪري ڇڏي جنهن سان آخرت جو ڪو فائدو نہ ٿئي. ڪو سوچندو هوندو تہ مان تہ ايتري وڏي رقم ملندي ئي سڀ کان پهريان **ٻاهرين ملڪ سفر** جي تياري ڪندس، ڇوتہ هتي رهي ڪري پورت ناهي ٿيندي، ٻاهرين ملڪ وڃي خوب ڪمائيندس،ڪوسوچندوهوندوتہ مان پنهنجو **عاليشان بنگلو** ٺاهرائيندس، **چمڪدار گاڏي** خريد ڪندس، **ڪو ڪجهہ سوچندو هوندو تہ ڪو ڪجهہ!!!**

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اي ڪاش! حضرت ربيعہ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي شوقِ علمِ دين جي صدقي اسان کي بہ پنهنجو مال هن راهہ ۾ خرچ ڪرڻ جي سعادتِ عظميٰ حاصل ٿي وڃي. اسان کي بہ نہ صرف پاڻ بلڪ پنهنجي اولاد کي بہ علمِ دين سکارڻ گهرجي، عِلْمِ دِين جي فضيلتن جي تہ ڇا ڳالهہ ڪجي؟

قرآنِ ڪريم ۾ ڪيئي هنڌن تي **علم ۽ عالمن جون فضيلتون** بيان ٿيون آهن. جيئن سيپارو 3 سوره آلِ عمران جي آيت نمبر 18 ۾ ارشاد آهي:

شَهِدَ اللّٰهُ اَنَّهٗ لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۙ وَ الْمَلٰٓىٕكَةُ وَ اُولُوا الْعِلْمِ قَآىٕمًۢا بِالْقِسْطِ ؕ

تَرجَموكنز الايمان: اللہ شاهدِي ڏني تہ اُن کانسواءِ ڪوبہ معبُود ڪونهي ۽ ملائِڪن ۽ عالمن اِنصاف سان بيهي ڪري.

(پ۳،اٰل عمرٰن:۱۸)

امامِ اهلسنت مولانا شاهہ امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جا والدِ گرامي رئيس المتڪلمين حضرتِ مفتي نقي علي خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: آيتِ ڪريمہ مان علم جون ٽي (3) فضيلتون ثابت ٿين ٿيون، پهرين اها تہ اللہ عَزَّوَجَلَّ عالمن جو ذڪر پاڻ ۽ ملائڪن سان ڪڏ فرمايو آهي، ٻي اها تہ عالمن کي بہ

ملائڪن وانگر پنهنجي وحدانيت جوگواهه بڻايوانهن جي گواهي ڪي به پنهنجي معبودِ برحق هئڻ جو دليل قرار ڏنو، تي هي ته انهن (عالمن) جي گواهي به ملائڪن جي گواهي وانگر معتبر قرار ڏني. (فيضانِ علم و علما،ص:٩، ملخصاً)

اهڙي طرح قرآنِ پاڪ ۾ هڪ ٻي هنڌ تي اهلِ علم جي شان و عظمت ان طرح بيان ڪئي وئي آهي:

يَرْفَعِ اللّٰهُ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مِنْكُمْ ۙ وَالَّذِيْنَ اُوْتُوا الْعِلْمَ دَرَجٰتٍ ؕ

ترجمو ڪنز الايمان: الله بلند فرمائي ٿو توهان مان انهن جاجن ايمان آندو ۽ جن ڪي علم ڏنو ويو.

(پ٢٨،المجادلة:١١)

حضرتِ سَيدُنا ابنِ عباس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا جن فرمايو: علماءِ ڪرام عام مومنن کان ست سو (700) درجا بلند هوندا، هر ٻن درجن جي وچ ۾ پنج سو (500) سالن جي مسافت آهي. (قُوْتُ القلوب، الفصل الاول الحادي والثلاثون: كتاب العلم و تفضيله، بيان آخر في فضل العلم.....الخ،ج ١،ص٢٤١)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! غور ڪريو! هڪ عام مُسَلمان کي جَنَّت نصيب ٿئي اهو ان جي لاءِ ڪافي آهي، پر عالمِ دين جي قسمت تي رشڪ ڪيو! ته عالم سڳورن کي نه صرف جَنَّت نصيب ٿيندي بلڪ جَنَّت ۾ عام مومنن کان 700 درجا بلند مقام به حاصل ٿيندو.

احاديث مبارڪ ۾ علمِ دين جي فضيلت

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان ڪيل آياتِ مبارڪ مان علمِ دين جي فضيلت واضح طور تي معلوم ٿئي ٿي. قرآنِ پاڪ جي علاوه ڪافي احاديثِ ڪريم ۾

بہ عِلمِ دِين جون تمام گهڻيون فضيلتون بيان ٿيون آهن،اچوانهن مان ٿي (3) حديث سڳوريون ٻڌوءِ پنهنجي دل ۾ **علم دين** جي اهميت اُجاگر ڪريو ۽ پنهنجي ٻارن رشتيدارن ۽ عزيزن کي عِلْمِ دِين حاصل ڪرڻ جو شوق ڏياريو.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ آهي :

1. جيڪو شخص علم جي طلب ۾ گهران نڪتو جيستائين واپس نہ موٽي، الله عَزَّوَجَلَّ جي راهہ ۾آهي. (ترمذي"،كتاب العلم،باب فضل طلب العلم، الحديث :٢٦٥٦ ،ج٤ ، ص٢٩٤)

2. جيڪو الله عَزَّ وَجَلَّ جي فرضن جي باري ۾ هڪ يا بہ يا ٽي يا چار يا پنج جملا سکي ۽ ان کي چڱي طرح ياد ڪري وٺي ۽ پوءِ ماڻهن کي سيکاري تہ اهو جنّت ۾ داخِل ٿيندو. (اَلتَّرغِيب وَالتَّرهيب ج١ ص ٥٤ حديث ٢٠)

3. الله عَزَّوَجَلَّ قِيامت جي ڏينهن ٻانهن کي اٿاريندو پوءِ عالمن کي جدا ڪري انهن کي فرمائيندو: اي عالمن جا گروهہ! مان توهان کي سڃاڻان ٿو ان ڪري توهان کي پنهنجي طرفان علم عطا ڪيو هو ۽ توهان کي ان ڪري علم نہ ڏنو هو تہ توهان کي عذاب ۾ مُبتَلا ڪيان. وجو مون توهان کي بخشي ڇڏيو. (جامع بيان العلم و فضله، الحديث:٢١١،ص٦٩)

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! بيان ڪيل احاديثِ ڪريمہ مان مَعلُوم ٿيو تہ عِلمِ دِين حاصل ڪرڻ، الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جو سبب، بخشش ۽ نجات جو ذريعو ۽ جنت ۾ داخلا جو ضامن آهي۔ سُبْحٰنَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ! عِلمِ دِين جي فضيلتن جي ڇا ڳالهہ ڪجي! صَدرُ الشَّريعہ حضرتِ علّامہ مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه

اِرشاد فرمائن ٿا: علم اهڙي شيءِ ناهي جنهن جي فضيلت ۽ خُوبين کي بيان ڪرڻ جي حاجت هجي، سڄي دنيا ڄاڻي ٿي تہ علم نهايت بهتر شيءِ آهي، ان کي حاصِل ڪرڻ بلندي جي علامت آهي. هيءَ اها شيءِ آهي جنهن سان اِنساني زندگي ڪامياب ۽ خُوشگوار ٿيندي آهي۽ انهيءَ سان دنيا ۽ آخرت سنورندي آهي. (ياد رهي! علم مان) اهو علم مُراد آهي جيڪو قرآن ۽ حديث مان حاصل ٿئي، تہ هي اهو علم آهي، جنهن سان دنيا ۽ آخرت ٻئي سنورجي ويندا آهن ۽ اهو ئي علم نجات جو ذريعو آهي ۽ ان جي قرآن و حديث ۾ ساراهه بيان ٿي آهي ۽ ان جي تعليم ڏانهن توجهه ڏياري وئي آهي. (بهار شريعت ،٦١٨/٣، ملخصاً) علم انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ السَّلَام جي مِيراث آهي،علم قُربتِ الٰهي جي راهه آهي، علم هدايت جو سرچشمو آهي، علم گناهن کان بچڻ جو ذريعو آهي، علم خَوفِ خدا کي بيدار ڪرڻ جو عظيم نُسخو آهي، علم دنيا ۽ آخرت ۾ عِزّت ماڻڻ جو سبب آهي، علم مُڙده دِلين جي زندگي آهي، علم ايمان جي سلامتي جو مُحافظ آهي،علم مخلوقِ خدا جي مَحَبَّت ماڻڻ جو سبب آهي، اَلْغَرَض!علم بي شمار خُوبين جو جامع آهي، ان ۾ دِين بہ آهي دنيا بہ، ان ۾ آرام بہ آهي اطمينان بہ،ان ۾ لذّت بہ آهي راحت بہ، تنهنڪري عَقل مند اهو ئي آهي جيڪو طلبِ علمِ دِين ۾ مشغول ٿي آخِرت ۾ چوٽڪاري جو سامان ڪري.

يہي ہے آرزو تعليمِ قرآں عام ہو جائے ہر اِک پرچم سے اُونچا پرچمِ اِسلام ہو جائے

ڪتاب "فيضانِ علم و علما" جو تعارف

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!پنهنجي دلين ۾ علمِ دين جي اهميّت اجاگر ڪرڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي ڪتاب "**فيضانِ علم و علما**" جو مطالعو ڪرڻ بہ بيحد مفيد رهندو. هن ڪتاب ۾ ❀علمِ دين حاصل ڪرڻ جي اهميت ❀عالم ۽

عُلما جي فضيلت ❀علم جي مجلس ۾ شرڪت ڪرڻ جو ثواب❀علمِ دين جي راهه ۾ ايندڙ رڪاوٽون ۽ انهن کي ختم ڪرڻ جي طريقن جو بيان❀علم ۽ عُلما جي خدمت ڪرڻ جو بيان. تنهنڪري اڄ ئي هن ڪتاب کي مڪتبة المدينه تان هَديو ڏئي طلب فرمايو، پاڻ به هن جو مُطالعو ڪيو ۽ ٻين کي به ترغيب ڏياريو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! افسوس ته اڄ اسان جي دلين مان عِلمِ دِين جي قدر ۽ منزلت ختم ٿيندي پئي وڃي، اسان جي معاشري جي اڪثريت نه ته پاڻ عِلمِ دِين سکڻ ڏانهن راغب ٿيندي آهي ۽ نه ئي پنهنجي اولاد کي عِلمِ دِين سيکاريندي آهي. پنهنجي ٻارن جي روشن مستقبل جي لاءِ خوب دُنيوي علوم ۽فنون ته سيکاريا ويندا آهن پر دِيني تعليم ڏياري پنهنجي ۽ پنهنجي ٻارن جي آخرت بهتر بنائڻ ڏانهن ڌيان ناهي ڏنو ويندو. ٻارجيڪڏهن ذهين آهي ته ان کي ڊاڪٽر، انجينئر، پروفيسر، ڪمپيوٽر پروگرامر بنائڻ جون خواهشون بيدار هونديون آهن ۽ جيڪڏهن ڪند ذهن (موڳو)، شرارتي يا معذور هجي ته جان ڇڏائڻ جي لاءِ ان کي ڪنهن دارُالعلوم يا جامعه ۾ داخل ڪرايو ويندو آهي. جڏهن ته اسان جو اسلاف ننڍپڻ کان ئي پنهنجي اولاد کي عِلمِ دِين سکاريندا هئا ايستائين جو وڏا وڏا بادشاهه به پنهنجي اولاد کي عِلمِ دِين جي زيور سان آراسته ڪندا هئا ڇاڪاڻ ته اهي پاڻ علم ۽ عُلما جا قدر دان هوندا هئا. جيئن ته

خليفو هارون رشيد نهايت نيڪ ۽ علم دوست بادشاهه هو هڪ ڀيري (پنهنجي پٽ) مامون رشيد جي تعليم جي لاءِ حضرتِ امام ڪسائي (رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه)

سان عرض ڪائين تہ پاڻ فرمايائون: مان اوهان وٽ نہ پڙهائڻ ايندس، ها شهزادو منهنجي گهر ڀلي اچي. هارون رشيد عرض ڪيو:اهو اوهان وٽ حاضر ٿي ويندو پر ان جو سبق پهريان ٿئي. فرمايائون: اهو بہ نہ ٿيندو بلڪ جيڪو پهريان ايندو ان جو سبق پهريان ٿيندو. آخرڪار مامون رشيد پڙهڻ شروع ڪيائين، اتفاق سان هڪ ڏينهن خليفو هارون رشيد جو گذر ٿيو، ڏٺائين تہ امام ڪسائي (رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه) پنهنجا پير ڌوئي رهيا آهن ۽ انهن جو پٽ مامون رشيد پاڻي وجهي پيو. بادشاهہ غضب ناڪ ٿي گهوڙي تان لٿو ۽ مامون رشيد کي ڏُرو هڻي چيائين: بي ادب! خدا ٻہ هٿ ڇا لاءِ ڏٺا آهن؟ هڪ هٿ سان پاڻي وجهہ ۽ ٻئي هٿ سان انهن جا پير ڌئو. (ملفوظاتِ اعلیٰ حضرت، ص ۱۴۴،بتغير)

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! خليفو هارون رشيد نہ صرف عُلَماء ۽ فقهاءِ ڪرام جي تعظيم ڪندو هو بلڪ سلطنت جي معاملن ۽ پنهنجن ٻين ديني ۽ دُنيوي معاملن ۾ بہ عالمن ۽ مفتين جي راءِ کي اهميّت ڏيندو هو، انهن جي ڳالهہ کي حرفِ آخر سمجهندو هو، آخرت جي بهتري جي لاءِ انهن کان نصيحت طلب ڪندو هو،ڪڏهن ڪڏهن نصيحت حاصل ڪرڻ لاءِ عالمن جي دروازي تائين پاڻ حاضر ٿيندو هو ۽ جيڪڏهن علماءِ ڪرام دربار ۾ تشريف وٺي ايندا هئا تہ شاهي شان ۽ شوڪت ۽ رُعبِ سلطنت جي پروا ڪرڻ بغير انهن جي اعزاز ۾ بيهي رهندا هئا. جيئن تہ ملفوظاتِ اعليٰ حضرت ۾ آهي: هارون رشيد جي دربار ۾ جڏهن ڪو عالِم تشريف ڪٽي ايندو هو، بادشاهہ ان جي تعظيم جي لاءِ بيهي رهندو هو. هڪ ڀيري دربارين عرض ڪيو:ياامير المُؤمِنِين!(ان سان) سلطنت جو رعبِ (ختم ٿي) ويندو آهي. جواب ڏنائين: **جيڪڏهن علماءِ دين جي تعظيم سان رُعبِ سلطنت وڃي ٿو تہ وڃڻ جي ئي لائق آهي.** (ملفوظاتِ اعلیٰ حضرت، ص ۱۴۵،بتغير)

ٿورو سوچيو! آخر ڇا سبب هو جو هارون رشيد جهڙي عظيم بادشاهه پنهنجي پٽ کي حضرت امام ڪسائي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي بارگاهه ۾ علم دين سکڻ جي لاءِ موڪلي ڇڏيو ۽ پاڻ به علماءِ ڪرام جي ايتري قدر تعظيم ڪندا هئا ...؟ يقينن هن جو سبب هي هو ته هو عالمن جي مقام ۽ مرتبي ۽ معاشري ۾ انهن جي ضرورت ۽ اهميّت کي چڱي نموني سمجهندا هئا ۽ هن ڳالهه کان سٺي نموني واقف هئا ته هن مهڪندڙ گُلشنِ اسلام کي آباد رکڻ ۾ هنن عظيم هستين جو ڪهڙو اهم ڪردار آهي.

اهڙي طرح اَميرُالمؤمنين حَضرتِ سَيدُنا عمر بن عبدالعزيز رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه پنهنجي اولاد جي تعليم ۽ تربيت جو نهايت بهترين انتظام ڪيو ۽ جليل القدر محدث حضرتِ سَيدُناصالح بن ڪيسان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جيڪي سندن اُستاد پڻ هئا انهن کي پنهنجي اولاد جو اُستاد مقرر ڪيو. (التحفة اللطيفة في تاريخ المدينة الشريفة، ٢٣٣/١)

حُجّة الاِسلام حَضرتِ سَيدُنا امام غزالي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي والدِ محترم جي باري ۾ منقول آهي ته اهي پاڻ جيتوڻيڪ پڙهيل لکيل نه هئا پر علمِ دين جي اَهميّت جو احساس رکندڙ هئا،انهن جي دلي خواهش هئي ته ٻئي صاحبزادا محمد غزالي ۽ احمد غزالي رَحِمَهُمَا اللهُ تَعَالٰى علمِ شريعت ۽ طريقت جي زيور سان آراسته ٿين.انهيءَ مقصد جي لاءِ انهن پنهنجن صاحبزادن جي تعليم ۽ تربيت جي لاءِ ڪجهه اثاثو به جمع ڪري رکيو هو، جيڪو ٻنهي سعادت مند پٽن کي علم حاصل ڪرڻ دوران گهٽو ڪم آيو. (اتّحاف السادة المتّقين، مقدمة الكتاب، ج١، ص٩،ملخصاً)

اهڙي طرح اسان جاغوثِ پاڪ حضرتِ سَيدُنا شيخ عبدالقادر جِيلاني رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْه ننڍپڻ ۾ ئي پنهنجي والِده مُحتَرَمه جي اجازت سان عِلمِ دِين جي حصول جي

لاءِ بغداد پهتا هئا. (بهجة الاسرار،ذكر طريقه، ص١٦٧، ملخصا) اعليٰ حضرت، امام اهلسُنَّت مولانا امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه بہ ننڍپڻ کان ئي عِلْمِ دِين سکندا رهيا ايستائين جو سادِن چئن سالن جي ننڍڙي جِمار ۾ قرآنِ مجيد ناظِره مڪمَّل پڙهڻ جي نعمت سان سرفراز ٿيا ۽ صِرف تيرهن (13) سال ڏهه مهينا چار ڏينهن جي عمر ۾ تمام مُرَوَّجه عُلُوم پنهنجي والدِ ماجد حضرت مولانا نقي علي خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کان حاصل ڪري سَنَدِ فراغت حاصِل ڪري ورتي.

(فيضانِ اعليٰ حضرت،ص٩١،٨٥)

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! هنن واقعن مان معلوم ٿيو تہ اسان جو اسلاف پنهنجي اولاد کي ننڍپڻ کان ئي عِلمِ دِين سکڻ ۾ مشغول ڪري ڇڏيندا هئا. اسان کي بہ پنهنجي اولاد جي مدني تربيت ڪندي انهن کي عِلمِ دِين سيکارڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي، پنهنجي اولاد جي سُنّتن جي مطابق تَربِيت ڪرڻ ان ڪري بہ گهڻي ضروري آهي تہ جيئن انهن کي نيڪ بڻائي ان کي جهنَّم کان بچائي سگهجي جنهن جو ٻارڻ انسان ۽ پٿر آهن. الله عَزَّوَجَلَّ سيپاري 28 سُورة التَّحرِيم جي آيت نمبر 6 ۾ اِرْشادِ فرمائي ٿو:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا قُوْۤا اَنْفُسَكُمْ وَ اَهْلِيْكُمْ نَارًا وَّ قُوْدُهَا النَّاسُ وَ الْحِجَارَةُ عَلَيْهَا مَلٰٓىٕكَةٌ غِلَاظٌ شِدَادٌ لَّا يَعْصُوْنَ اللّٰهَ مَاۤ اَمَرَهُمْ وَ يَفْعَلُوْنَ مَا يُؤْمَرُوْنَ ۝ (پ: 28، التحرِيم: 6)

ترجمو ڪنزالايمان: اي ايمان وارؤ! پنهنجي پاڻ کي ۽ پنهنجي گهر وارن کي ان باهہ کان بچايو جنهن جو ٻارڻ ماڻهو ۽ پٿر آهن. ان تي سخت طاقتور ملائڪ مقرر آهن جيڪي الله جي حڪم جي نافرماني نہ ڪندا آهن ۽ جيڪي انهن کي حڪم هجي سو ئي ڪندا آهن.

حضرتِ سيدُنا صَدرُا لافاضِل مَولانا سَيد محمد نعيم ا لدِّين مُراد آبادي

رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه خَزائنُ العِرفان ۾ آيتِ مبارڪ جي هن حصي (يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا قُوْۤا اَنْفُسَكُمْ وَ اَهْلِيْكُمْ نَارًا) جي تَحت فرمائن ٿا: الله تعالٰي ۽ ان جي رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي فرمانبرداري اختيار ڪري، عبادتون بجا آڻي،گناهن کان پاسو ڪري گهر وارن کي نيڪي جي هدايت ۽ بدي کان منع ڪري، ۽ انهن کي علم و ادب سيکاري ڪري (پنهنجي پاڻ کي ۽ پنهنجي گهروارن کي جهنم جي باهه کان بچايو)

رَحمتِ عالَم، نورِ مُجسَّم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ مُعظَّم آهي: كُلُّكُمْ رَاعٍ وَّكُلُّكُمْ مَسْئُوْلٌ عَنْ رَعِيَّتِهٖ، يعني توهان سيئي پنهنجي واسطيدارن جا سردار ۽ حاڪم آهيو ۽ توهان مان هر هڪ کان قِيامت جي ڏينهن ان جي رَعِيت جي باري ۾ پڇيو ويندو. (بخاري،كتاب الجمعة،باب الجمعة في القري والمدن ،٣٠٩/١، حديث :٨٩٣)

هن حديثِ پاڪ جي تَحت شارحِ بُخاري حضرت علّامه مُفتِي محمد شريفُ الحَق اَمجَدي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: رَعِيت مان مُراد اها آهي جيڪا ڪنهن جي نِگهباني (يعني نگراني) ۾ هجي. اهڙي طرح عَوام سُلطان ۽ حاڪم جي،اَولاد ماءُ پيءُ جي،شاگرد استادن جي، مُريد پِير جي رِعايا تي. ائين ئي جيڪو مال، زال يا اَولاد يا نوڪر جي سِپُردگي ۾ هجي ان جي نِگهداشت انهن تي واجب آهي. جنهن جي ماتَحت ڪيرئي نه هجي اهو پنهنجي اعضاء ۽ جَوارح، اَفعال ۽ اَقوال، پنهنجي اَوقات پنهنجي معاملن جو نگهبان آهي. انهن سيني جي باري ۾ اهو جَواب ده ٿيندو. (نُزهة القاري، ٢/ ٥٣٠ بتغير قليل)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! والدين کي گهرجي ته احساسِ ذمه داري ڪندي پنهنجي اولاد جي مدني تربيت جو خيال رکن، انهن کي نماز روزي جو پابند

بڻائن ۽ فرض واجب، حلال ۽ حرام، خريد و فروخت ۽ حُقُوقُ العِباد وغيره جي شرعي اَحڪامن کان بہ انهن کي آگاه ڪرڻ جو انتظام ڪن، ان جو بهترين ذريعو هي آهي تہ پنهنجن ٻارن کي عِلمِ دِين سکائڻ جي لاءِ درسِ نظامي (عالم ڪورس) ڪرايو وڃي تہ جيئن اسان جا ٻار عِلمِ دِين سکي ڪري ٻين کي بہ سيکارين ۽ اسان جي اُخروي نجات جو ذريعو بڻجي سگهن. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هن مقصد جي تڪميل جي لاءِ دعوتِ اسلامي جا جامعة المدينہ قائم آهن، جامعة المدينہ ۾ شاگردن کي نُورِ علم سان مُنوَّر ڪرڻ سان گڏوگڏ تقويٰ ۽ پرهيزگاري جي انوار سان دلين کي روشن ڪرڻ جي لاءِ اخلاقي تربيت بہ ڪئي ويندي آهي، هن سلسلي ۾ جامعة المدينہ جا شاگرد جدول جي مطابق راهِ خدا عَزَّوَجَلَّ ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ مدني قافلن جا مُسافر بڻجن ٿابلڪ بعض خوش نصيب تہ 12 مهينن جي مَدَني قافلي ۾ سفر جي سعادت بہ ماڻيندا آهن.

شيخِ طريقت،اَميرِ اهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي حضرتِ علّامہ مَولانا ابو بلا ل محمد الياس عطّار قادِري رَضَوِي ضِيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه جي عطا ڪيل 92 مدني انعامات تي عمل ڪندي روزانو مدني انعامات جو رسالو ڀري ڪري هر مدني مهيني پنهنجي درجي جي ذمہ دار کي جمع ڪرائيندا آهن.

اميرِ اهلسنت جي علمِ دين جي شاگردن سان محبت

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه جامعة المدينہ جي شاگردن جي هن عملي ڪيفيت سان خوش ٿي پنهنجا تاثرات بيان فرمائن ٿا: مان دعوتِ اسلامي جي جامعات المدينہ ۽ مدارس المدينہ جي شاگردن سان گهڻي محبّت ڪندوآهيان ۽ انهن جي صدقي سان پنهنجي لاءِ بخشش جي دعا گهرندو آهيان.

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ جامعة المدينہ جا شاگرد سڳورا نمازِ پنجگانہ جي علاوہ ٻيا نفل مثال طور صلوٰة التّوبہ، تهجّد، اشراق ۽ چاشت جي نمازن جو اهتمام ڪندا آهن، مدني قافلن ۾ سفر جي سعادت حاصل ڪندا آهن، جامعة المدينہ جي آس پاس 12 مدني ڪمن کي عام ڪرڻ جي لاءِ ذمّہ داريون سنڀاليندا آهن ۽ اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ جامعة المدينہ جا استاد سڳورا ۽ طلبہ ڪرام **اِمامت ۽ خطابت** جا فرائض بہ سر انجام ڏئي رهيا آهن،جنهن جي ڪري ڪثير **مسجدون آباد** آهن. ڪيئي استاد ۽ شاگرد "**جامعة المدينہ ۽ مدرسة المدينہ آن لائن**" جي ذريعي سڄي دُنيا جي عاشقانِ رسول کي تعليمِ قرآن ۽ علمِ دِين جي روشني سان منور ڪرڻ جي ڪوشش ۾ لڳل آهن،ڪيئي استاد ۽ شاگرد دعوتِ اسلامي جي **مختلف شعبن** ۾ پنهنجون دِيني خدمتون پيش ڪري رهيا آهن.

اهڙي طرح **جامعة المدينہ** (للبنات) جي **مُدرِّسات ۽ طالبات** (يعني پڙهائڻ واريون مَدَنِيَّہ اسلامي ڀينرون ۽ شاگرديائيون) بہ دعوتِ اسلامي جي **مختلف شعبن** ۾ ٽيڻ وارن مدني ڪمن ۾ حصّو وٺڻ جون سعادت حاصل ڪنديون آهن. اسلامي ڀينرن جي عالمي مجلس مشاورت جي تحت اسلامي ڀينرن جي 8 **مدني ڪمن** ۾ عملي طور تي شامل ٿي نيڪي جي دعوت جون ڏومون مچائڻ جي ڪوشش ڪنديون آهن. اَللّٰهُمَّ زِدْ فَزِدْ ثُمَّ زِد. يعني اي الله وڌاءِ ۽ وڌيڪ وڌاءِ.

(فيضانِ سُنّت صفحه۵۸۹،ملتقطاً)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

شيطاني وسوسو ۽ ان جو علاج

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! عِلمِ دِين جي حُصُول جي برڪت سان نہ صرف الله

عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي مَدَني حبيب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي رِضا حاصل ٿيندي آهي بلڪ ان جا نيڪ ٻانها بہ طالبِ عِلمِ دِين سان مَحَبَّت ڪنداآهن. تنهنڪري اوهان بہ همت ڪريو ۽ پنهنجي اولاد کي دعوتِ اسلامي جي جامعة المدينہ ۾ داخل ڪرايو ۽ خوش نصيبن جي فهرست ۾ پنهنجو ۽ پنهنجي اولاد جو نالو داخل ڪرايو. پنهنجن ٻارن کي علمِ دِين سان محروم ڪري دُنيوي تعليم ڏيارڻ جو مقصد وڏ کان وڏ دُنيوي مال کي حاصل ڪرڻ هوندو آهي ۽ بدقسمتي سان بعض والدين اهو سمجهن ٿا تہ جيڪڏهن اسان جي اولاد دِيني تعليم ڏانهن مائل ٿيندي تہ مَعَاذَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ انهن جو مستقبل تاريڪ ٿي ويندو،اهو گهر ڪيئن آباد ڪندو۽ڪهڙي طرح ان کي هلائيندو، ڪجهہ هزار روپين ۾ پنهنجي خواهشن کي ڪيئن پورو ڪري سگهندو، مطلب تہ! اهڙي طرح جا بيشمار شيطاني وسوسا ايندا آهن جنهن جي ڪري کي ماڻهو پنهنجي ٻارن کي مستقل ديني تعليم ڏيارڻ کان محروم رهجي ويندا آهن. پهريان تہ اهڙن والدين جي خدمت ۾ عرض آهي تہ هڪ مُسَلمان جڏهن بہ ڪو ڪم ڪري ان جو مقصد دنيا حاصل ڪرڻ بدران اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي رِضا حاصل ڪرڻ هجي ۽ خاص ڪري عِلمِ دِين سکڻ جي معاملي ۾ تہ خالص رِضاءِ الٰهي جي ئي نيت هئڻ گهرجي ۽ جيستائين مال ۽ دولت جو تَعَلُّق آهي تہ اها ڳالهہ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي ڪرم سان گهڻو بعيد آهي تہ هو پنهنجي دِين جي تعليم حاصل ڪرڻ واري کي اڪيلو ڇڏي ڏئي ائين ڪيئن ٿي سگهي ٿو؟ حديثِ پاڪ ۾ آهي: جيڪو عِلمِ دِين حاصل ڪندو اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان جي مُشڪلات کي آسان ڪندو ۽ ان کي اتان کان رزق عطا ڪندو جتان کان ان جو گمان بہ نہ هوندو. (جامع بيانِ العم و فضله، باب جامع في فضل العلم، الحديث: ١٩٨،ص ٦٦) تجربو بہ هن ڳالهہ جو شاهد آهي تہ ڪامل اخلاص ۽ محنت سان عِلمِ

دِين حاصل ڪرڻ وارا، ڪيئي دنيا دار ماڻهن کان وڌيڪ بهتر زندگي گذاري رهيا هوندا آهن، ڪيئي وڏا وڏا حڪمران ۽ آفيسر علماءِ ڪرام جا هٿ چُمندا آهن،انهن جي خدمت ڪندا هوندا آهن۽ انهن جون جتيون کڻڻ کي سعادت سمجهندي نظر ايندا آهن حالانڪ هي مقام ۽ رتبو دُنيا جي ڪنهن وڏي کان وڏي مالدار کي به حاصل نٿو ٿي سگهي.

علم جي عزت ڪرڻ وارو بادشاهه

منقول آهي ته هڪ پيري خليفي هارون رشيد حضرت ابُو معاويه عزيز رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي دعوت ڪئي، هي اکين کان معذور هئا، ڪائڻ مهل جڏهن هٿ ڏوئڻ جي لاءِ لوٽو ۽ هٿ منهن ڏوئڻ جو ٿانوَ آندو ويو ته (خليفي هارون رشيد) ٿانو خدمت گار کي ڏنو ۽ پاڻ لوٽو کڻي حضرت ابو معاويه عزيز جا هٿ ڏوئرايا ۽ چيائين: ”اوهان کي خبر آهي ته اوهان جي هٿن تي پاڻي ڪير وجهي رهيو آهي؟“ فرمايائون: ”نه“ بادشاهه عرض ڪيو: ”هارون“ (ته حضرت ابومعاويه رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه انهن کي دُعا ڏيندي) چيائين: جهڙي اوهان علم جي عزت ڪئي ،اهڙي الله (عَزَّوَجَلَّ) اوهان جي عزت ڪري. هارون رشيد چيو: انهيءَ دعا کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ مون اهو سڀ ڪيو هو. (ملفوظاتِ اعلیٰ حضرت، ص ۱۴۵،ملخصاً)

امامِ اعظم جي نگاه بصيرت

اهڙي طرح حضرت سيدُنا قاضي ابويوسف يعقوب بن ابراهيم رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي باري ۾ منقول آهي ته ننڍپڻ ۾ سندن والد جو انتقال ٿي ويو،والده گهر جو خرچ هلائڻ جي لاءِ انهن کي هڪ ڏوبي وٽ لڳايو،هڪ پيري اهي امامِ اعظم رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي مجلس ۾ پهتا، اتي جون ڳالهيون انهن کي ايتري قدر پسند آيون جو پاڻ ڏوبي کي ڇڏي اتي ويهڻ شروع ٿي ويا. والده کي جڏهن

خبر پوندي هئي تہ انهن کي سڏي ايندیون هيون ۽ ڏوہي وٽ وڃي ويندیون هيون، جڏهن معاملو وڏي ويو تہ انهن جي والده حضرتِ امامِ اعظم رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کي چيو: هن ٻار جي پرورش ڪرڻ وارو ڪير ناهي، مون ان کي ڏوہيءَ وٽ لڳايو تہ جيئن ڪجهہ ڪمائي آڻي سگهي، پراوهان هن کي بگاڙي ڇڏيو آهي. حضرتِ امامِ اعظم رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمايائين: اي خوش بخت! ان کي علم جي دولت حاصل ڪرڻ ڏئي اهوڏينهن پري ناهي جڏهن هي بادامن ۽ ديسي گيهہ جو حلوو ۽ عمده فالوده کائيندو. اها ڳالهہ ٻڌي امام ابو يوسف رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي والده گهڻو ناراض ٿيون،چوڻ لڳيون:(اوهان اسان سان مذاق ڪيوٿا. ڀلا) اسان جهڙا غريب ماڻهو بادامن ۽ ديسي گيهہ جو حلوو ڪيئن کائي سگهن ٿا؟ امام ابو يوسف رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه استقامت سان علمِ دين حاصل ڪندا رهيا،ايستائين جو اهو وقت آيو جڏهن قاضي وارو عهدو سندن حوالي ڪيو ويو. هڪ دفعي خليفي انهن جي دعوت ڪئي، دورانِ دعوت خليفي بادامن ۽ ديسي گيهہ جو حلوو ۽ عمده فالوده انهن ڏانهن وڌائيندي چيائين: ”اي امام! اهو حلوو کائو، روز روز اهڙو حلوو تيار ڪرائڻ اسان جي لاءِ آسان ناهي.“ اهو ٻڌي امام ابو يوسف رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کي امامِ اعظم رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي ڳالهہ ياد آئي تہ اهي مُرڪڻ لڳا، خليفي جي پڇڻ تي فرمايائون:منهنجي استادِ محترم حضرتِ سيدُنا امام اَعظم ابوحنيفہ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه گهڻا سال اڳ ۾ منهنجي والده کي فرمايو هو تہ توهان جو اهو پٽ بادامن ۽ ديسي گيهہ جو حلوو ۽ فالوده کائيندو، اڄ منهنجي استادِ محترم جو فرمان پورو ٿي ويو. پوءِ انهن پنهنجي ننڍپڻ جو سڄو واقعو خليفي کي ٻڌايو تہ انهن کي گهڻو تعجب ٿيو ۽ چيائين: بيشڪ علم ضرور فائدو ڏيندو آهي ۽ دِين ۽دنيا ۾ بلندي ڏيارينده آهي. (عيون الحكايات،الحكاية الثانية عشرة بعد الثلاثمائة ص٢٧٨، ملخصاً)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن حڪايت ۾ اسان جي لاءِ ڪوڙ مدني گل موجود آهن:هي به معلوم ٿيو ته اولياء ڪرام فراست ڀري نگاهه سان آئنده پيش ايندڙ واقعن کي پهريان ئي ملاحظه ڪندا آهن،استادِ ڪامل جي خاص توجهه انسان کي ڇا کان ڇا بڻائي ڇڏيندي آهي،اها به خبر پئي ته علمِ دين، دنيا ۽ آخرت ۾ ڪاميابي ۽ ڪامراني جو سبب آهي ايستائين جو وڏن وڏن دنيا دارن کي اهو مقام ۽ رتبو ناهي ملندو جيڪو علم جي شيدائين کي آساني سان حاصل ٿي ويندو آهي. لهٰذا اسان کي به ڪپي ته علمِ دين پاڻ به سکون ۽ پنهنجي اولاد جي مدني تربيت جي لاءِ انهن کي به دِين جو علم سيکاريون،ياد رکو!مرڻ کان پوءِ نيڪ عملن جي علاوه ٻيون شيون ڪجهه ڪم نه ايندين،اهومال۽دولت،بينڪ بيلنس،عاليشان بنگلا،وڏيون وڏيون گاڏيون دنيوي مقام ۽ مرتبو سڀ ڪجهه هتي ئي رهجي ويندو،قبر ۾ انهن مان ڪجهه به گڏ نه ويندو،منهنجي آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: جڏهن انسان فوت ٿي ويندو آهي ته ان جا عمل منقطع ٿي ويندا، سواءِ ٽن (3) جي (1) صدقه جاريه (2) اهڙو علم جنهن کان فائدو ورتو وڃي (3) نيڪ اولاد جيڪا ان جي لاءِدُعا ڪندي آهي. (مسلم،كتاب الوصية،باب ما يلحق الانسان من الثواب بعد وفاته، ص ٨٨٦، حديث:١٦٣١)

علم جي اَٿهوندگيءَ جو نُقصان

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو ته صدقه جاريه، اشاعتِ عِلمِ دين ۽ نيڪ اولاد اهڙيون نيڪيون آهن جو مرڻ کان بعد به انهن جو ثواب پهچندو رهي ٿو. لهٰذا پنهنجي ٻارن کي دِيني تعليم ڏيارڻ جي لاءِ تيار ٿي وڃو ۽ انهن کي جامعاتُ المدينه ۾ داخل ڪرايو. اڄڪلهه بُرائين مان سڀ کان وڏي بُرائي جَهالت آهي،جيڪا مُعاشري جي ٻين بُرائين ۾ سرِفهرست آهي،گهر ٻار جو

معاملو هجي يا ڪاروبار جو، دوست اَحباب جو هجي يا رشتيدار جو، نڪاح جو هجي يا اولاد جي سنئي تَربِيت جو، غرض ڇا حقوقُ الله ۽ ڇا حقوقُ العباد، زندگي جي هر شعبي ۾ جتي به جنهن انداز سان به خرابيون موجودن آهن، جيڪڏهن اسان سنجيدگي سان غور ڪيون ته اها ڳالهه اسان تي ظاهر ٿي ويندي ته ان جو بُنيادي ۽ سڀ کان نمايان سبب **عِلمِ دين** کان دُوري آهي. **عِلمِ دِين** جي گهٽتائي ۽ دُرست رهنمائي کان محرومي جي سبب نه صرف مُعاملات ۽ اَخلاقيات ۾ بلڪ عقائد ۽ عبادات تائين به ۾ طرح طرح جون بُرائيون ۽ خرابيون نهايت تيزي سان وڌنديون پيون وڃن، جنهن جي خاتمي جي لاءِ محض عِلمِ دين حاصل ڪرڻ ئي ڪافي ناهي بلڪ پنهنجي علم تي عمل ڪرڻ ۽ ان جي ذريعي ٻين جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻ به ضروري آهي. اهو ئي سبب آهي ته شيخِ طريقت، اميراهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علامه مولانا ابو بلال محمد الياس عطّار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه پنهنجن مريدن،چاهيندڙن ۽ مُتَعَلّقين کي پنهنجي ۽ ٻين جي اصلاح جي ڪوشش ۾ مگن رهڻ جو مدني ذهن ڏيندي اُنهن کي هي مَدَني مقصد عطا ڪيو آهي: **مون کي پنهنجي ۽ سڄي دُنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي.** اِنْ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه جي علم دوستي ۽ اشاعتِ عِلمِ دين جي تڙپ جي نتيجي ۾ ”مجلس جامعةُ المدينه“ جي تحت ملڪ ۽بيرونِ ملڪ سوين جامعات المدينه (للبنين ۽ للبنات) جو قيام عمل ۾ آيو آهي. جامعةُ المدينه جي سڀ کان پهرين شاخ 1995ء ۾ نيو ڪراچي جي علائقي مدرسةُ المدينه گودهرا ڪالوني بابُ المدينه(ڪراچي) جي ٻي منزل ۾ کولي وئي. جتي ٽن (3) استاد سڳورن اسلامي ڀائرن کي عالم ڪورس (درسِ نظامي) پڙهائڻ

شروع ڪيو.ان جامعةُ المدينہ کي قائم ٿيندي گهڻو عرصو نہ گذريو هو جو اها عمارت علم جي طلبگار اسلامي ڀائرن جي ڪثرت جي ڪري ناڪافي ٿي پئي.پوءِان جامعةُ المدينہ کي 1998ء ۾ گلستانِ جوهر جامع مسجد فيضانِ عثمانِ غني جي پاسي ۾ وسيع عمارت ۾ منتقل ڪيو ويو، امير اَهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه ۽ مُبَلِّغِينِ دعوتِ اسلامي جي طرفان عِلمِ دِين حاصل ڪرڻ جي ڀرپور ترغيب جي نتيجي ۾ جتي لکين عاشقانِ رسول ۽ راهِ خدا ۾ سفر ڪرڻ واري دعوتِ اسلامي جي مَدَني قافلن جا مسافر بڻيا، اتي گهڻا عاشقانِ رسول ۽ عاشقانِ غوثِ اعظم مَدَني قافلن ۾ سفر ڪرڻ سان گڏوگڏ باقاعده عِلمِ دين جي حصول جي لاءِ جامعةُ المدينہ جو بہ رُخ ڪيو.ائين سڄي دُنيا ۾ خاص ڪري پاڪستان ۾ جامعةُ المدينہ جون وڏيڪ شاخون ڪلنديون ويون،هي بيان ڪرڻ مهل صرف پاڪستان ۾ 402 جامعاتُ قائم آهن، جنهن ۾ 26013 شاگرد ۽ شاگرڊياڻيون درسِ نظامي(عالم ڪورس) جي تعليم حاصل ڪري رهيا آهن ۽ سوين اسلامي ڀاءَ ۽ اسلامي ڀينرون علم جي موتين سان پنهنجيون جهوليون ڀري سندِ فراغت بہ حاصل ڪري چڪا آهن.اوهان بہ پنهنجو نالو خوش نصيبن ۾ داخل ڪرايو ۽ پنهنجن ٻارن کي جامعةُالمدينہ ۾ داخل ڪرايو، پنهنجي ڀائرن، دوستن،عزيزن ۽ ٻين رشتيدارن تي انفرادي ڪوشش ڪيوءِ انهن کي پنهنجي ٻارن کي جامعةُ المدينہ ۾ داخل ڪرائڻ جو ذهن ڏيو. ان مان جتي هر پاسي علم جي روشني ڦهلجندي ۽ جهالت جي اونداهي ختم ٿيندي، اتي اوهان جي لاءِ صدقہ جاريہ جو سلسلو بہ ٿيندو.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

دعوتِ اسلامي جو سات ڏيو!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! دعوتِ اسلامي خدمتِ دِين جي تقريباً 100 کان وڌيڪ شعبن کي هلائڻ جي لاءِ ڪروڙين نہ اربين روپين جا اَخراجات هوندا آهن، جيڪي مُخَيّر حضرات جي تَعاوُن سان ئي پُورا ٿيندا آهن. ياد رکو! دعوتِ اسلامي، دِينِ اسلام جي نمائندگي ڪرڻ واري اسلام جي پيغام کي عام ڪرڻ واري. عاشقانِ رسول جي مسجد ڀرو تحريڪ آهي، ان سان جاني ۽ مالي، ڪنهن بہ قسم جو تَعاوُن ڪرڻ،حقيقتاً دِينِ اسلام ئي جي مدد ڪرڻ آهي ۽ جيڪو دينِ اسلام جي مدد ڪندو آهي،ان جي باري ۾ اللہ عَزَّوَجَلَّ ارشاد فرمائي ٿو:

وَلَيَنْصُرَنَّ اللّٰهُ مَنْ يَّنْصُرُهٗ

(پ١٧،حج:٤٠)

ترجموڪنزالايمان: ۽ بيشڪ الله ضرُور مدد فرمائيندو اُن جي جيڪو اُن جي دِين جِي مدد ڪندو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! الله عَزَّ وَجَلَّ جوارشادِ پاڪ آهي تہ جيڪو ان جي دين جي مدد ڪندو،خُود باري تعاليٰ ان جي مدد فرمائيندو،حڪيمُ الاُمَّت حضرت مُفْتي احمديارخان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ارشاد فرمائن ٿا: اَوْلِياءُ الله جي مدد ڪرڻ، نبي جي خدمت، عِلمِ دِين ڦهلائڻ، سڀ الله جي دِين جي مدد آهي۔ (نو رالعرفان ص٥٣٧) اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي عِلمِ دِين ڦهلائڻ، گُناهن کان بچائڻ ۽ سُنَّتن جو عامل بڻائي سچو عاشقِ رسول بنائڻ واري تحريڪ آهي، ان ڪري هن جي مدد ڪرڻ بہ دِين جي مدد ڪرڻ ئي چيو ويندو. ياد رکو! سون، چاندي، نقدي وغيره سان دِين جي مدد ڪرڻ، ڪو نئون عمل ناهي بلڪ مني مُصْطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ترغيب تي حضرتِ سَيدُنا صديقِ اڪبر رَضِيَ الله تَعَالٰى عَنْه جو پنهنجي گهر جو سمورو مال بارگاهِ رسالت ۾ حاضرڪرڻ۔ (سنن الترمذي، ٥/ ٣٨٠،

حديث: ٣٦٩٥) جڻ تہ اسان کي اهو سبق ڏئي رهيو آهي تہ دِين جي سربُلندي جي لاءِ هڪ مسلمان کي پنهنجو سمورو مال قُربان ڪرڻ کان بہ پاسو نہ ڪرڻ گهرجي .

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسلام جي سر بُلندي جي لاءِحضرتِ سَيدُناصِدّيقِ اڪبر رَضِی اللہ تَعَالٰی عَنْہ جو پنهنجو مال قُربان ڪرڻ جو جذبو صد ڪروڙ مرحبا! ياد رکو! مَوجُوده دَور ۾ دِيني ڪمن جي لاءِ چندو (مدني عَطيات) جمع ڪرڻ اَشَد ضروري آهي.پياري آقا، ٻنهي عالَم جي داتا صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ غيب نشان آهي: ''آخري زماني ۾ دِين جو ڪم بہ دِرهم ۽دِينار سان ٿيندو.'' (المعجم الكبير، ٢٠/٢٧٩،حديث:٦٦٠،ملخصاً) هن حديثِ پاڪ سان جتي مني مُصْطَفٰے صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو علمِ غيب ثابت ٿيو،اتي اهو بہ معلوم ٿيو تہ هڪ زماني ۾ دِين جو ڪم ڪرڻ جي لاءِ پيسن جي سخت ضرورت پوندي،اِجوڪي زماني ۾ جيڪي حالتون آهن،اهي ڪنهن کان لڪيل نہ آهن جيئن تہ دعوتِ اسلامي هڪ عالمگيرغير سياسي تحريڪ آهي،ان ڪري ان اَخراجات کي پُورو ڪرڻ جي لاءِ هڪ وڏي رقم دَرڪار هوندي آهي.ائين تہ عام طور سمورو ئي سال دعوتِ اسلامي جي مدني ڪمن جي لاءِ مدني عَطيات جمع ڪرڻ جو سلسلو رهندو آهي، پر خاص ڪري رَجَبُ الْمُرجَّب، شَعْبانُ الْمُعَظَّم ۽ رَمَضانُ الْمُبارَک ۾ ماڻهو بڪثرت صَدَقات ۽ عَطيّات جي اَدائيگي جي طرف مائل هوندا آهن، ان ڪري انهن مهينن ۾ مدني عَطيّات گڏ ڪرڻ جو بهترين موقعو هوندو آهي، اسان کي بہ ثواب حاصل ڪرڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مدني ڪمن جي تَرقّي جي لاءِ پنهنجي گهر، رشتيدارن ۽ پاڙي وارن کي صدقي جا فضائل ٻڌائي ڪثرت سان مدني عطيات گڏ ڪرڻ گهرجن.

امام اهلسنّت مولانا شاه احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فتاويٰ رضويه جلد23،صفحه 152 تي صدقي جي فضائلِ تي مُشتمل احاديثِ مُبارَکه ذِکر فرمائڻ کان پوءِ ان مان حاصل ٿيڻ وارا ڪجهه فائدا بيان ڪيا آهن. اچو انهن مان ڪجهه فائدا اسان به ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪيون ٿا: ﴿۱﴾ (صدقو ڏيڻ وارو) الله تعالي جي عطاسان بري موت کان بچندؤ،ستر دروازا بري موت جا بند ٿيندا ﴿۲﴾ عمر ۾ اضافو ٿيندو ﴿۳﴾ رزق جي ڪشادگي ۽ مال ۾ ڪثرت ٿيندي ﴿۴﴾ آفتون ۽ بلائون دور ٿيندیون، بري قضا ٽرندي، ستر دروزا بُرائي جا بند ٿيندا، ستر قسمن جون بلائون دور ٿيندیون ﴿۵﴾ بدحالي دور ٿيندي﴿۶﴾ الله عَزَّوَجَلَّ جي مدد شامل حال ٿيندي ﴿۷﴾ رحمتِ الٰهي انهن لاءِ واجب ٿيندي ﴿۸﴾ ملائڪ انهن تي درود موڪليندا ﴿۹﴾ انهن جا گناه بخشيا ويندا، انهن جي لاءِ مغفرت واجب ٿي ويندي، ﴿۱۰﴾ دين وارن جي خدمت ۽ صدقي کان وڌيڪ ثواب حاصل ڪندا ﴿۱۱﴾ انهن جا بگڙيل ڪم سنورجي ويندا ﴿۱۲﴾ پاڻ ۾ محبتون وڌنديون، ﴿۱۳﴾ الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهه ۾ درجا بلند ٿيندا ﴿۱۴﴾ قيامت جي ڏينهن دوزخ کان امن ۾ رهندا، دوزخ جي باهه انهن تي حرام ٿيندي ﴿۱۵﴾ آخرت ۾ احسان الٰهي مان فائدو حاصل ڪرڻ وارا هوندا ﴿۱۶﴾ خداعَزَّوَجَلَّ چاهيو ته ان مبارڪ گروه (ٽولي) مان ٿيندا جيڪو حضور پُرنور سيد عالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نعل اقدس جي صدقي سڀ کان پهرين جنت ۾ داخل ٿيندا. (فتاويٰ رضويه، ج۲۳،ص۱۵۲ ملتقطا)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! انهن تمام سعادتن کي ماڻڻ جي لاءِ نه صرف پنهنجا مدني عطيات دعوتِ اسلامي کي ڏيو بلڪ پنهنجن رشتيدارن،دوستن کي به

ان جي پرپور ترغيب ڏياريو ۽ دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول سان هر دم وابستہ رهو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مدني انعامات جو مهينو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول ۾ رمضان المبارک جي مهيني کي مدني انعامات جو مهينو ملهايو پيو وڃي: فرمانِ امير اهلسنّت: (29 شعبان المعظم 1438 کان رمضان المبارک تائين) مدني انعامات جو مهينو ملهايو وڃي. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ. اوهان بہ مدني انعامات جو مهينو ملهائڻ جي نيت ڪري وٺو ۽ پنهنجي لاءِ مدني انعامات جا 12 مهينن جا 12 رِسالا خريد ڪري وٺو ۽ هر مهيني مدني انعامات جي رِسالي جا خانا ڀري مدني مهيني جي پهرين تاريخ تي پنهنجي علائقي جي مدني انعامات جي ذمہ دار کي جمع ڪرايو.

دُعاءِ عطار: يا الله عَزَّوَجَلَّ جيڪو صدقِ دل، سچي دل سان مدني انعامات تي عمل ڪري،روزانو فڪرِ مدينہ جي ذريعي رِسالو ڀري ۽ هر مدني مهيني جي پهرين تاريخ تي پنهنجي ذمہ دار کي جمع ڪرائيندوڪري،ان کي ان کان اڳ موت نہ ڏيجان جيستائين جو هو ڪلمو نہ پڙهي وڃي.اٰمين

دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

(1) جمعه جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعه ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

(2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناه معاف ڪيا ويندا.[2]

---

[1]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

[2]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

(3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[1]

(4) چهلک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الهَادِى کن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان چهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

(5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[3]

---

[1]...القول البديع، الباب الثانى، ص277،

[2]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

[3]...القول البديع، الباب الاول، ص125

(6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[1]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

(7) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا کان روايت آهي ته سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[2]

(8) جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّ وَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساکر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

[1] ... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

[2] ... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305